# ڪربلا جا جان نثار

**11-July-2024**

هفتيوار سنتن ڀري اجتماع ۾ ٿيڻ وارو
سُنّتن ڀريو بيان
(for Islamic Brothers)



11 جولائي، 2024ء(متوقع اسلامي تاريخ، 4 محرم الحرام ) تي پاڪستان جي هفتيوار اجتماعن ۾ ٿيڻ وارو بيان

# ڪربلا جا جان نثار

### هن بيان ۾ اوهان ڄاڻي سگهندؤ

* ... صحابيءِ رسول جو شوقِ جنت
* ... ڪربلا جي پهرين شهيد جي نرالي تمنّا
* .. جان نثارانِ ڪربلا جي عبادت
* ... اَهلِ ڪربلا جو جوشِ ايماني.

پيشڪش

**مجلس اَلْمَدِيْنَةُ الْعِلْمِيہ**(اسلامڪ ريسرچ سينٽر)

**(شعبہ بياناتِ دعوتِ اسلامي)**

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰى سَيِّدِ الْمُرْسَلِيْنَ

اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ ؕ بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ؕ

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا رَسُوْلَ الله وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ يَا حَبِيْبَ الله

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا نَبِيَّ الله وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ يَا نُوْرَ الله

نَوَيْتُ سُنَّتَ الْاِعْتِكَافِ

(مون سنّتِ اعتڪاف جي نيّت ڪئي)

# درود شريف جي فضيلت

حضرت احمد بن ثابت مغربي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: مان قبلي طرف ويهي درودِ پاڪ جي موضوع تي مضمون ترتيب ڏئي رهيو هُئس. اوچتو مون تي غنودگي طاري ٿي ۽ منهنجي اک لڳي وئي. مون خواب ۾ الله پاڪ جي مقرّب فرشتن حضرت جبرائيل عَلَيْهِ السَّلَام، حضرت ميڪائيل عَلَيْهِ السَّلَام، حضرت اسرافيل عَلَيْهِ السَّلَام ۽ حضرت عزرائيل عَلَيْهِ السَّلَام کي ڏٺو. (3 مقرب ملائڪن سان گفتگو جو ذڪر ڪرڻ کان بعد شيخ احمد بن ثابت رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا:) مون حضرت عزرائيل رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه کي عرض ڪيو: مان الله پاڪ ۽ سندس پياري حبيب صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو واسطو ڏئي ڪري التجا ٿو ڪريان ته اوهين منهنجي جان ڪڍڻ وقت مون تي نرمي ڪريو. (انهن) فرمايو: رسول اڪرم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم تي گهڻو درود پاڪ پڙهندا ڪيو.

آس ہے کوئی نہ پاس ایک تمہاری ہے آس | بس ہے یہی آسرا تم پہ کروڑوں درود(1)

1... حدائقِ بخشش، صفحہ:267۔

وضاحت: يارسول الله! اوهان کان سواءِ مون کنهن کان اُميد ناهي لڳائي، نہ ئي ڪو اهڙو آهي جو ان کان اُميد لڳائي سگهجي، مون کي تہ بس اوهان ئي جو آسرو ۽ سهارو آهي، اوهان تي ڪروڙين درود هجن.

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیب! صَلَّی اللهُ عَلٰی مُحَمَّد

## بيان ٻڌڻ جون نيتون

حديثِ پاڪ ۾ آهي: اَفْضَلُ الْعَمَلِ اَلنِّیَّةُ الصَّادِقَةُ سچي نيت اَفضَل ترين عَمل آهي.[(1)]

**اي عاشقانِ رسول!** هر جائز ڪم کان پهريان سنيون نيتون ڪرڻ جي عادت بنائڻ گهرجي، ڇوتہ سٺي نيت انسان کي جنّت ۾ داخِل ڪرائيندي آهي. بيان ٻڌڻ کان پهريان بہ سنيون سنيون نيتون ڪري وٺو! مثال طور نيت ڪريو! ۞ عِلْم دين سکڻ جي لاءِ سڄو بيان ٻڌندس ۞ اَدَب سان ويهندس ۞ پنهنجي اِصلاح جي لاءِ بيان ٻُڌندس ۞ جيڪو ٻُڌندس، اهو ٻين تائين پهچائڻ جي ڪوشش ڪندس.

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیب! صَلَّی اللهُ عَلٰی مُحَمَّد

## حضرت حُرْ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جي جانثاري

61 هجري جي ڳالھ آهي، مُحَرَّم شريف جو مهينو هو، 10 تاريخ هئي، جمعي جو ڏينهن هو، ميدانِ ڪربلا ۾ اَهلِ بيتِ اَطْهار جو امتحان تي رهيو هو. امامِ عالي مقام، امام حُسين رَضِیَ اللهُ عَنْه جيڪي اَهلِ بيت جي قافلي جا سربراه هئا، پاڻ رَضِیَ اللهُ عَنْه سمجهائڻ جي آخري ڪوشش (يعني Final Warning) جي لاءِ يزيدي ظالمن

[1]…جامع صغير، صفحه:81، حديث:1284۔

جي سامهون پيش ٿيا، تقريباً 12 هزار جو لشڪر سامهون آهي، ان جي باوجود سندن چهري تي ڪو خوف ۽ خطرو نہ هو، پاڻ ميدان ۾ تشريف ڪٺي آيا، يزيدي فوج کي الله پاڪ جي عذاب ۽ جهنّم جي باهہ کان ڊيڄاريو، انهن کي ٻڌايو تہ مان حُسين آهيان، توهان جي نبي جو ڏوهٽو آهيان، سيده پاڪ بتول زهراء رَضِیَ اللہُ عنہا جو شهزادو آهيان، هن ظلم کان باز اچو! اسان سان جنگ ڪري پنهنجي آخرت خراب نہ ڪريو!

ان وقت يزيدي فوج ۾ هڪ بهادر نوجوان موجود هو، جن جو نالو هو: حُرْ بن يزيد. ان جي دل ڪجهہ تہ پهرين ئي بيچين هئي، امامِ عالي مقام امام حُسين رَضِیَ اللہُ عنہ جو خطبو ٻڌي بيچيني اجا وڌي وئي، بيقراري اهڙي ٿي جو هڪ جاءِ تي بيهي نہ سگهيا، يزيدي لشڪر جي سپهہ سالار عمرو بن سعد وٽ پهتا، چيائين: توهان امام سان جنگ ڪندؤ تہ رسولُ الله صَلَّی اللہُ عَلَیۡہِ وَ آلِہٖ وَ سَلَّم کي ڇا جواب ڏيندؤ؟ عمرو بن سعد وٽ هن سوال جو ڪو جواب نہ هو پر افسوس! دنيا جي محبت جڏهن دل تي چڙهيل هجي تہ ڪا نصيحت ڪم ناهي ايندي...!! عمرو بن سعد تي بہ نصيحت اثر نہ ڪيو. حضرت حُرْ رَحۡمَۃُ اللہِ عَلَیۡہ هتان مايوس ٿي واپس ميدان ۾ آيا، ❁جسم ڪنبي رهيو آهي، ❁چهرو پيلو آهي، ❁پريشاني جا آثار صاف نظر اچي رهيا آهن، ❁ دل ايتري زور سان ڌڙڪي رهي آهي جو ويجهو سپاهي بہ حيران آهن.

سندن پاءُ مُصْعَب بہ گڏ ئي موجود هو: پڇيائين: پاءُ...!! تون بهادر آهين، بهترين جنگجو آهين، تون پهريون پيرو تہ جنگ ۾ نہ آيو آهين...!! تو ڪيترن ئي بهادرن کي ڌوڙ ۾ ملايو آهي، پوءِ اڄ ڇا معاملو آهي؟ هي بيچيني ڇو آهي؟ حضرت حُرْ محبتِ اَهلِ بيت ۾ ٻُڏل، خوفِ خدا سان لرزندي چيو: ڳالهہ هيءَ آهي تہ هي جنگ مصطفيٰ جانِ رحمت صَلَّی اللہُ عَلَیۡہِ وَ آلِہٖ وَ سَلَّم جي شهزادن سان آهي، ڪنهن

دشمن سان نہ بلڪ پنهنجي ئي آخرت سان جنگ آهي، مان هن وقت جنت ۽ دوزخ جي وچ ۾ بيٺو آهيان، دنيا پوري طاقت سان مون کي جهنم جي طرف ڇڪي رهي آهي، ان لاءِ دل ڪنبي رهي آهي.

حُر نے فرمایا: برادر! تجھے یہ بھی ہے خبر | اس لڑائی میں مُقَابِل ہے پیمبر کا پِسَر (بیٹا)
عاقبت سے جسے لڑنا ہو بِلا خوف و خطر | اس لڑائی میں دِکھائے وہ دلیری کے ہنر
درمیانِ دوزخ و جنّت کے کھڑا ہوں میں یہاں | خوفِ دوزخ سے ہُوں اس وقت بےتاب و تواں

اجا هي ڳالهيون هلي رهيون هيون تہ هڪ پيرو وري امامِ عالي مقام، امام حُسين رَضِیَ اللہُ عَنْہ جي آواز گونجي، فرمايائون: **ڪو آهي جو اَڄ آلِ رسول تي جان قربان ڪري ۽ رسولِ ڪائنات** صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم **جي حُضُور ڪاميابي ماڻي**!!...

الله! الله! هي پيارو آواز ٻڌڻ جي دير هئي، حضرت حُرْ رَحْمَۃُ اللہِ عَلَیْہ گهوڙو ڊوڙايو، يزيدي ظالم سمجهي رهيا هئا تہ شايد امامِ عالي مقام تي حملو ڪرڻ وڃي رهيا آهن پر هتي تہ مُعَاملو ڪجهہ ٻيو ئي هو، حضرت حُرْ رَحْمَۃُ اللہِ عَلَیْہ اِمامِ عالي مقام جي خدمت ۾ حاضر ٿيا، گهوڙي تان لٿا، ادب سان بيٺا، عرض ڪيائون: اي ابنِ رسول! مان اهوئي حُرْ آهيان، جنهن پهرين توهان جو رستو روڪيو هو، منهنجي غلطي معاف فرمائي ڇڏيو! ۽ اڄ اَهلِ بيت تي پنهنجي جان قربان ڪرڻ جي اجازت ڏيو! امامِ عالي مقام، امام حُسين رَضِیَ اللہُ عنہ انهن جي معذرت قبول ڪئي ۽ انهن کي پنهنجي لشڪر ۾ شامل ڪري ڇڏيو.

حُرُ کو جنّت بھی ملی، اَوجِ شہادت بھی مِلا | اِک نظر میں شاہ نے قطرے کو دریا کر دیا

جڏهن حضرت حُرْ جي پاءُ مُصْعَب بن يزيد هي منظر ڏٺو تہ انهن کي بہ جوش آيو، انهن بہ گهوڙو ڊوڙايو ۽ اَهلِ بيتِ اَطْهَار جي پاڪ لشڪر ۾ شامل ٿي ويا.

دورانِ جنگ هي ٻئي ڀائر ۽ انهن جو هڪ غلام خوب وڙهيا، اڪيلي حضرت حُرْ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه تقريباً 40 يزيدين کي جهنم رسيد ڪيو.[1] آخر ۾ چوٽ کائي ڪِري پيا ۽ شهادت جو جام پي ڪري جنت ڏانهن وڌيا.[2]

اعليٰ حضرت جا پاءُ مولانا حَسَن رضا خان صاحِب رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه لکن ٿا: جڏهن حضرتِ حُرْ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه زخمي ٿي ڪِري پيا تہ پاڻ امامِ عالي مقام امام حُسين رَضِيَ اللهُ عَنْهُ کي پڪاريو، امام عالي مقام بي قرار ٿي تشريف کڻي آيا، يزيدين سان وڙهندي پنهنجي جانثار تائين پهتا، حضرت حُرْ کي ميدان مان ڪنيو، خيمي جي قريب آيا ۽ سُبْحٰنَ الله! امام حُسين رَضِيَ اللهُ عَنْهُ حضرت حُرْ جو مٿو پنهنجي هنج ۾ رکيو، وڏي پيار سان انهن جو مٿو ۽ رخسار صاف ڪيا، حضرت حُرْ جو ساهہ اجا باقي هو، پاڻ اکيون کوليون، مسڪرائي امام عالي مقام رَضِيَ اللهُ عَنْهُ جي طرف ڏٺو ۽ عرض ڪيو: حُضُور...!! هاڻي تہ مون سان خوش آهيو؟ امام عالي مقام فرمايو: ها! مان راضي آهيان، الله بہ توهان سان راضي ٿي وڃي...!! حضرت حُرْ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه هي خوشخبري ٻڌي ۽ ان سان گڏ ئي سندن روح جسم کان پرواز ڪري ويو. (3)

آرزو یہ ہے کہ نکلے دم تمہارے سامنے | تم ہمارے سامنے ہو ہم تمہارے سامنے

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

---

[1] شامِ ڪربلا، صفحہ:255۔
[2] سوانح ڪربلا، صفحہ:146 تا 150 ملخصاً۔
[3] ...آئينہ قيامت، صفحہ:67۔

# جنت جي طرف وڌڻ همت جي ڳالهہ آهي

پيارا اسلامي ڀائرو! اللّٰہ پاڪ حضرت حُرْ رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه جي قرباني قبول فرمائي، تورو غور فرمايو! هي ڪيتري همت جي ڳالهہ آهي...!! حضرت حُرْ رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه يقين سان ڄاڻندا هئا تہ يزيدي لشڪر کان نڪرڻ جو مطلب شهادت آهي. ❁ سندن اولاد بہ هئي. ❁ گهر وارا بہ هئا. ❁ پاڻ ڄاڻن پيا تہ منهنجو هڪ فيصلو منهنجي ٻارن کي يتيم ڪري ڇڏيندو. ❁ ان جي باوجود پاڻ ڪيتري همت ڪئي. ❁ هڪ طرف عهدو آهي. ❁ منصب آهي. ❁ عزت آهي. ❁ شهرت آهي. ❁ دولت آهي. ❁ ۽ ٻي طرف جنت آهي. ❁ پاڻ عهدو، ❁ منصب، ❁ دولت، ❁ عزت وغيره سڀ ڪجهہ ڇڏيو ۽ جنت جي طرف وڌي ويا.

روايتن ۾ آهي: جڏهن حضرت حُرْ رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه لشڪرِ يزيد کان نڪري امامِ حُسين رَضِیَ اللّٰهُ عَنْهُ جي خدمت ۾ حاضر ٿي ويا تہ هڪ يزيدي پڪاريو: اي حُرْ! اسان تہ توهان کي عقل مند سمجهندا هئاسين، اڄ توهان هي ڪهڙو فيصلو ڪيو؟ ڪثرت يزيد جي طرف آهي، جيت يزيد جي ٿيندي، مال ۽ دولت يزيد وٽ آهي، حڪومت يزيد جي آهي، هي سڀ ڪجهہ ڇڏي توهان امام حُسين جي طرف هليا ويا؟

هاڻي حضرت حُرْ رَضِیَ اللّٰهُ عَنْهُ جو ايمان افروز جواب ٻڌو! پاڻ فرمايائون: مون جنت ۽ جهنم مان جنت جو فيصلو ڪيو، **خدا جو قسم...!! چاهي مان ڪٽجي وڃان، ساڙيو وڃان پر جنت تي ڪنهن شيءِ کي ترجيح نہ ڏيندس**.[1]

[1] البدايہ والنهايہ ، جز:8، جلد:4، صفحہ:577۔

| | |
|---|---|
| ہزاروں میں بہتر تَن تھے تسلیم و رضا والے | حقیقت میں خُدا اِن کا تھا اور یہ تھے خُدا والے |
| یہ نعرہ حُرؔ کا تھا جس وقت فوجِ نار سے نکلا | کہ دیکھو! یُوں نکلتے ہیں جہنّم سے خُدا والے |
| حُسَین ابنِ علی کی کیا مدد کر سکتا تھا کوئی | یہ خُود مشکل کُشَا تھے اور تھے مشکل کُشا والے |
| دوائے دَرْدِ عصیاں پنج تن کے دَر سے ملتی ہے | زمانے میں یہی مشہور ہیں دارُ الشِّفا والے |

سُبْحٰنَ الله! هي آهي ايماني سوچ...!! هي آهي ايماني فيصلو...!! هي همت آسان ناهي هوندي، هي حوصلو ڪرڻ آسان ناهي هوندو، الله پاڪ جن سان ڀلائي جو ارادو فرمائي ٿو، هي همت اهي ئي ڪندا آهن.

## جنت جي طرف ڊوڙي پئو!

پيارا اسلامي ڀائرو! هن ۾ اسان لاءِ به سبق آهي، ٿورو غور ڪريو! ۞ ڇا اسان کي خبر ناهي ته نماز پڙهڻ سان جنت ملندي آهي؟ نه پڙهڻ ۾ جهنم جي حقداري آهي؟ اسان ڇاڻون ٿا پر ترجيح ڪنهن کي ڏني وڃي ٿي؟ افسوس! ماڻهو ڪم ڪار کي ترجيح ڏين ٿا، دڪانداري کي ترجيح ڏين ٿا، دنياوي ضروري ڪمن کي ترجيح ڏين ٿا، معمولي معمولي ڪمن جي خاطر جماعت ڇڏين ٿا بلڪ نماز تائين قضا ڪري ڇڏين ٿا. ۞ اسان ڄاڻون ٿا روزو رکڻ سان جنت ملندي آهي پر ڪيترا اهڙا آهن جيڪي رمضان المبارڪ جا فرض روزا به قضا ڪري ڇڏين ٿا. ۞ اسان ڄاڻون ٿا ته تلاوت ڪرڻ سان جنت ملندي آهي پر

افسوس! ڪيئي مهينن تائين قرآنِ ڪريم جي زيارت تائين نصيب نٿي ٿئي. اسان چاھيون ٿا تہ ذڪر الله جي برڪت سان جنت ملندي آهي پر فضول ڳالھيون، سوشل ميڊيا، فيس بڪ، انسٽاگرام ۽ ٽويٽر وغيره سان فرصت ئي نٿي ملي. ۞ اسان چاھيون ٿا تہ سٺا اخلاق جنت ۾ وڃڻ جو ذريعو آھن پر ڇا ڪريون؟ غصو گھٽو ايندو آهي. ۞ اسان کي خبر آهي تہ ماءُ پيءُ جي خدمت ٻنهي جهانن ۾ ڪاميابي جو ذريعو آهي. ۞ اسان چاھيون ٿا تہ سچ جنت جو ۽ ڪوڙ جهنم جو رستو آهي. ۞اسان چاھيون ٿا تہ لڙائي جهگڙا، گارگند وغيره جهنم ۾ وڃڻ جو سبب آھن. اسان کي ھي بہ خبر آهي تہ ڳائڻ وغيره گناه جهنم ۾ وٺي ويندا آھن پر افسوس...!! اسان وٽ عام طور جنت ۾ وٺي وڃڻ وارن عملن کي نہ بلڪ جهنم جو حقدار بڻائڻ وارن ڪمن کي ترجيح ڏني ويندي آهي.

اي عاشقانِ اھل بيت! ٻڌي ونو! حضرت حُرّ رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡه جي زندگي اسان کي ھي سبق ڏئي رھي آهي تہ سر ڪٽجي ٿو تہ ڪٽجي وڃي، جان وڃي ٿي تہ ھلي وڃي پر ھڪ مسلمان جو قدم اٿي ٿو تہ صرف جنت جي طرف اُٿي ٿو، ھڪ مسلمان طلبگار آهي تہ صرف جنت جو طلبگار آهي، مسلمان مال و دولت، عيش و عشرت، شھرت و عزت کي ناهي ڏسندو، ھڪ سچو مسلمان الله و رسول جي رضا جي پنيان ھلندي جنت ۾ پھچڻ جي ڪوشش ڪندو آهي. ھي ئي مسلمانن جي شان آهي ۽ انھيءَ جو اسان کي حڪم ڏنو ويو آهي. الله پاڪ قرآنِ ڪريم ۾ فرمائي ٿو:

وَسَارِعُوۡۤا اِلٰی مَغۡفِرَۃٍ مِّنۡ رَّبِّکُمۡ وَجَنَّۃٍ عَرۡضُہَا السَّمٰوٰتُ وَالۡاَرۡضُ ۙ اُعِدَّتۡ لِلۡمُتَّقِیۡنَ ﴿۱۳۳﴾ۙ

ترجموڪنزُالعرفان: ۽ پنهنجي رب جي بخشش ۽ ان جنت جي طرف ڊوڙو جنهن جي وسعت آسمانن ۽ زمين جي برابر آهي. اها پرهيزگارن لاءِ تيار ڪئي وئي آهي .(پاره:4، آل عمران:133)

پيارا اسلامي ڀائرو! ڏسو! آيتِ ڪريمه ۾ صاف فرمايو ويو: جنت جي طرف ڊوڙي پهچو...!! ڪهڙي جنت...؟ اها جنت جو جيڪڏهن 7 آسمانن کي گڏ جوڙي ڪري وڇايو وڃي، پوءِ 7 زمينن کي به ائين ئي جوڙي ڪري وڇايو وڃي ته جيترو فاصلو ٿيندو، جنت جي ويڪر ايتري بلڪ ان کان به وڌيڪ آهي ۽ هي ته ان جي ويڪر جي ڳالهه آهي، ڊيگهه ڪيتري آهي، هي ته عقل ۾ اچي نٿي سگهي بلڪ عالم سڳورا فرمائن ٿا: **هي به صرف جنت جي هڪ طبقي جي ويڪر آهي، باقي جنت ڪيتري وڏي آهي، ان جو ته اندازو ئي نه ٿو لڳائي سگهجي**[1].

ته الله پاڪ فرمائي ٿو: اي منهنجا محبوب صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جا غلامؤ! هن عظيمُ الشان جنت جي طرف ڊوڙي پئو...!! جلدي هلو! ڏسو! اسان هن دنيا ۾ سفر ڪندا آهيون. ۞ ڪجهه سفر پيادل ڪيا ويندا آهن. ۞ ڪجهه سائيڪل يا موٽر سائيڪل تي ڪيا ويندا آهن. ۞ ڪجهه سفر بس يا ڪار وغيره تي ڪيا ويندا آهن. ۞ ۽ جيڪڏهن ڪٿي جلدي وڃڻو هجي ته جهاز ذريعي اڏامي ڪري سفر ڪندا آهيون، يعني موجوده دور ۾ تيز ترين سفر جهاز جو آهي، الله پاڪ اسان کي حڪم ڏنو آهي ته جنت جي طرف ڊوڙو! مطلب ڇا آهي؟ هي ته تيز کان تيز ترين سفر جيڪو توهان ڪري سگهو ٿا، اوترو تيز سفر ڪري جنت جي طرف پهچو...!! ڪيئن پهچڻو آهي؟ ۞ نمازون پڙهي، روزا رکي، ۞ حج جي ذريعي، ۞

---

[1] تفسيرِ نعيمى، پاره:4، ال عمران، زير آيت:133، جلد:4، صفحه:203

عمرو ڪري، ❁ درودِ پاڪ جي ڪثرت ڪري، ❁ نيڪ ڪمن ۾ جلدي ڪري، ❁ حسنِ اخلاق جي ذريعي، ❁ علمِ دين سکڻ ۾ ڪوشش ڪري، ❁ والدين جي خدمت ڪري، ❁ پياري نبي، چڱي نبي، سني نبي صَلَّى الله عَلَيْهِ والِهٖ وَسَلَّم جون سنتون اپنائي، ❁ ڏاڙهي سجائي ڪري، ❁ عمامو پائي، ❁ راهِ خدا ۾ سفر ڪري، ❁ نيڪي جي دعوت عام ڪري، ❁ مدني قافلن ۾ سفر ڪري،❁ نيڪ اعمال تي استقامت جي ذريعي، مطلب ته هر اهو ڪم جيڪو جنت ۾ وٺي وڃڻ وارو آهي، ان ۾ تيزي ڪريون، انهن ڪمن جي طرف ڊوڙ ڪري پهچون، ان جي برڪت سان جنت جي طرف وڌندا رهنداسين. الله پاڪ اسان کي جنت جو شوق نصيب فرمائي.

اٰمِين بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ والِهٖ وَسَلَّم

## هي مذاق جووقت ناهي...!!

ڪربلا وارا جنت جا ڪيترا شوقين هئا، هڪ روايت ٻڌو! 10 محرم شريف جي صبح جڏهن بس لڙائي شروع ٿيڻ ئي واري هئي، ان کان ڪجهه دير پهريان، حضرت عبد الرحمٰن بن عبد الرّبّ ۽ حضرت بَرِيَر هَمداني رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْهِما گڏ بيٺا هئا، حضرت بَرِيَر رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه، حضرت عبد الرحمٰن رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه سان خوش طبعي واريون ڳالهيون شروع ڪيون. حضرت عبد الرحمٰن رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمايو: بَرِيَر! هي ڪهڙو وقت آهي اهڙيون ڳالهيون ڪرڻ جو...؟ فرمايو: منهنجي قوم ڄاڻي ٿي ته مان سنجيده ماڻهو آهيان پر خدا جو قسم! **هن وقت مان تمام گهڻو خوش آهيان، هاڻي بس ڪجهه ئي دير بعد شهادت نصيب ٿيندي ۽ اسان جنت ۾ پهچي ويندا سين.** (1)

[1]... تاريخ طبرى، السنۃ الحاديۃ و الستون، فيہا مقتل الحسين، جلد:3، صفحہ:318مفہوماً۔

سُبْحٰنَ الله! پيارا اسلامي ڀائرو! شوق ڏسو ڪهڙو نرالو آهي! سامهون 12 هزار جو لشڪر آهي، شهادت بلڪل يقيني آهي، 3 ڏينهن کان پاڻي بند آهي، مشڪلات چارئي طرف کان گهيري ويني آهي، ڪجهه ماڻهو واقعهءِ ڪربلا بيان ڪندي وقت ڪربلا وارن کي تمام لاچار، انتهائي بي وس ٻڌائي پيش ڪن ٿا، جڏهن تہ حالت ڇا هئي؟ اهي خوش نصيب الله پاڪ جي رضا ۾ راضي ۽ دل سان خوش هئا، پاڻ ۾ خوش طبعي ڪري رهيا هئا ۽ خوشي ڪهڙي ڳالهہ جي هئي...!! جلد شهادت نصيب ٿيندي، امام عالي مقام، امام حسين رَضِيَ اللهُ عَنْهُ تي جان قربان ڪرڻ نصيب ٿيندي ۽ اسان مالڪِ جنت صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي ڪرم سان جنت ۾ پهچي ويندا سين.

## صحابيءِ رسول جو شوقِ جنت

حضرت جابر بن عبد الله رَضِيَ اللهُ عَنْهُ کان روايت آهي، فرمائن ٿا: غزوه اُحد جو موقعو هو، هڪ شخص بارگاهِ رسالت ۾ حاضر ٿيو، عرض ڪيائين: يارسول صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم! توهان ڇا ٿا فرمايو: جيڪڏهن مان راهِ خدا ۾ وڙهندي شهيد ٿي وڃان تہ ڪٿي پهچندس؟ فرمايائون: جنت ۾. راوي چون ٿا: ان وقت صحابيءَ رَضِيَ اللهُ عَنْهُ کي کجورون هٿ ۾ ڪنيل هيون، انهن اهي کجورون بہ نہ کاڌيون، جنگ ۾ لهي پيا ۽ غير مسلم سان وڙهندي وڙهندي شهيد ٿي ويا.(1)

سُبْحٰنَ الله! ڪهڙو ڪمال جو شوق آهي...!! هٿ ۾ کجورون موجود آهن پر صحابي رسول کي جنت ۾ پهچڻ جي جلدي هئي، ڪجهه کجورون کائڻ ۾ ڪيترو وقت لڳندو آهي، ڪجهه سيڪنڊ يا منٽ ئي تہ لڳندا آهن پر جنت جي طرف وڃڻ ۾ ايتري دير ٿي وڃي، صحابي رسول کي هي بہ پسند نہ هو.

---

[1]... بخاری، کتاب المغازی، باب غزوة احد، صفحہ:1017، حدیث:4046۔

الله اڪبر! اسان جو حال ڇا آهي...!! رمضان کان نمازون شروع ڪندس. جمعي تي توبہ ڪري وٺندس، سياڻي کان هي ڪم شروع ڪندس؟ اسان رمضان تائين زنده رهي سگهنداسين، هي ضمانت ڪنهن وٽ آهي؟ سياڻي ڪنهن ڏٺي آهي، جنت جي طرف وڃڻو آهي، جنت ۾ وڃڻ وارا ڪم ڪرڻا آهن، هن ۾ هڪ منٽ جي بہ دير گوارا نہ هجڻ گهرجي، جنت جي طرف اَڄ ۽ هاڻي ئي کان سفر شروع ڪري ڇڏڻ گهرجي. الله پاڪ اسان کي عمل جي توفيق عطا فرمائي.

اٰمِين بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

اچو! امام حسين رَضِيَ اللهُ عَنْهُ جي نانا جان، رحمتِ دوجهان صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي خدمت ۾ درخواست پيش ڪريون ٿا.

گھر چھٹے یا سَر کٹے پَر غم نہ ہو — دِین کی دولت اے نانائے حُسَین!

ہُوں گنَاہوں کا مریضِ دائمی — دُور ہو شامت اے نانائے حُسَین!

واسطہ غوث و رضا کا دُور ہو — ہر بُری خصلت اے نانائے حُسَین!

نیکیوں میں دِل لگے ہر دَم، بنا — عاملِ سُنّت اے نانائے حُسَین!

میں گنَاہوں سے سدا بچتا رہوں — کیجئے! رحمت اے نانائے حُسَین!

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

# ڪربلا جي جان نثارن ڪي سلام

پيارا اسلامي ڀائرو! محرم شريف جا مبارڪ ڏينهن آهن، امام عالي مقام، امام حسين رَضِيَ اللهُ عَنْهُ ۽ واقعهءِ ڪربلا جون يادون دلين ۾ تازيون آهن. ڪيترا خوش نصيب آهن اهي بلند مرتبي وارا ماڻهو جيڪي ڪربلا جي ميدان ۾ امام حسين رَضِيَ اللهُ عَنْهُ سان گڏ هئا، پاڻ رَضِيَ اللهُ عَنْهُ جي بلند ديني مقصد لاءِ جانين جا نذرانا پيش ڪري رهيا هئا.

بعض دفعا ذهنن ۾ خيال ايندو آهي ته هي سيئي ماڻهو جيڪي ڪربلا ۾ شهيد ٿيا، سيئي اهلِ بيت ئي هئا بلڪ بعض نادان اعتراض به ڪندا آهن ته صحابه ڪرام رَضِيَ اللهُ عَنْهُم مان ڪو به امام حسين رَضِيَ اللهُ عَنْهُ سان گڏ نه هو. هي غلط ڳالهه آهي، هي معلومات جي ڪميءَ جي ڪري آهي.

پهرين ڳالهه ته ڏسو! امام حسين رَضِيَ اللهُ عَنْهُ جنگ لاءِ ڪربلا ۾ آيا ئي نه هئا، ڀلا جنگ لاءِ ويندي ڪو ٻارن ۽ عورتن کي به گڏ وٺي ويندو آهي...؟ جيڪڏهن امام حسين رَضِيَ اللهُ عَنْهُ جنگ جي ارادي سان تشريف کڻي اچن ها ته هزارين صحابه جو لشڪر ضرور ساڻس گڏ هجي ها.

ٻي ڳالهه هيءَ آهي ته اهي خوش نصيب جن ڪربلا جي ميدان ۾ جانين جا نذرانا پيش ڪيا، اهي سيئي اهلِ بيت ئي نه هئا، انهن ۾ صحابه ڪرام رَضِيَ اللهُ عَنْهُم به هئا ۽ تابعين به هئا. ميدانِ ڪربلا ۾ امام حسين رَضِيَ اللهُ عَنْهُ جي قافلي جا ڪل ماڻهو 72 يا 82 ۽ ڪن روايتن موجب 100 کان ڪجهه وڌيڪ هئا، انهن ۾ 18 کان 20 افراد اهلِ بيت مان هئا، باقي سڀ صحابي ۽ تابعي هئا.

مثلاً :۞ حضرت انس بن حارث رضي الله عنه صحابي رسول هئا، پاڻ ميدانِ كربلا ۾ شهيد ٿيا [1].۞ حضرت حبيب بن مُظَهّر رضي الله عنه صحابيءِ رسول هئا، ميدانِ كربلا ۾ شهيد ٿيا [2].۞ حضرت عبد الله بن يَقّطَر رضي الله عنه صحابي رسول هئا، كربلا ۾ شهيد ٿيا .۞ حضرت عمّار همداني رضي الله عنه صحابيءِ رسول هئا، كربلا ۾ شهيد ٿيا [3].۞ حضرت شبيب بن جراد رحمة الله عليه صحابيءِ رسول جا پٽ آهن، ميدانِ كربلا ۾ شهيد ٿيا[4] .۞ حضرت خُفَينہ بن قيس رضي الله عنه صحابي رسول جا پٽ هئا، كربلا ۾ شهيد ٿيا [5] ۞ حضرت قيس بن مُسَهِر رحمة الله عليه صحابيءِ رسول جا پٽ هئا، كربلا ۾ شهيد ٿيا. [6]

اهڙي طرح ٻيا بہ صحابہ ۽ تابعين آهن جيكي امام عالي مقام سان كربلا ۾ شريك هئا، پاڻ رضي الله عنه جي سامهون ڊال بڻجي بينا ۽ شهيد ٿي ويا. (7)

بهرحال جيكي بہ امام عالي مقام رضي الله عنه سان هن عظيم مقصد ۾ شريك هئا، شهيد ٿيا يا اَسِير (يعني قيد كيا ويا)، اسان سڀني كي مجڻ وارا، سڀني سان محبت كرڻ وارا، سڀني جو ادب كرڻ وارا آهيون. اميرِ اهلسنت مولانا محمد الياس عطاري قادري دامت بركاتهم العاليه لكن ٿا....

---

[1] الاصابہ فی تمییز الصحابہ،رقم:266، جلد:1، صفحہ:110۔
[2] مراۃ الزمان، جلد:8، صفحہ:137۔
[3] الاصابہ فی تمییز الصحابہ،رقم: 6477، جلد:5، صفحہ:111۔
[4] الاصابہ فی تمییز الصحابہ،رقم: 1279، جلد:1، صفحہ:
[5] الاصابہ فی تمییز الصحابہ،رقم: 3657، جلد:3، صفحہ:202۔
[6] الاصابہ فی تمییز الصحابہ،رقم: 8439، جلد:6، صفحہ:247۔
[7]…سوانح كربلا، صفحہ:150 بتصرف۔

کربلا کے جاں نثاروں کو سلام
یا حُسَین اِبن علی مشکل کُشا
اَکبَرو اَصغَر پہ جاں قربان ہو
جس کسی نے کربلا میں جان دی
رحمتیں ہوں ہر صحابی پر مُدام
جو حسینی قافلے میں تھے شریک

فاطمہ زَہرا کے پیاروں کو سلام
آپ کے سب جاں نثاروں کو سلام
میرے دِل کے تاجداروں کو سلام
ان سبھی ایمان داروں کو سلام
اور خصوصاً چار یاروں کو سلام
کہتا ہے عطّارؔ ساروں کو سلام[1]

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰهُ عَلٰی مُحَمَّد

## شهداءِ ڪربلا جون فضيلتون

پيارا اسلامي ڀائرو! ڪربلا جي جان نثارن جي بہ ڇا شان آهي...!! هي اُهي خوش نصيب آهن جن دِين جي بي مثال خدمت ڪئي، انهن پنهنجون جانيون قربان ڪري يزيدي فتني کان دِين کي بچايو ۽ امام عالي مقام امام حسين رَضِیَ اللّٰهُ عَنْهُ سان بي مثال محبت جي مثال قائم ڪئي. قرآن پاڪ جي تمام گهڻين آيتن جي روشني ۾ انهن جي فضيلت معلوم ٿئي ٿي. اچو! 2 آيتون ٻڌو:

(1) اللہ پاڪ فرمائي ٿو

[1]...وسائلِ بخشش، صفحہ:605 تا 607 ملتقطاً۔

فَالَّذِيْنَ هَاجَرُوْا وَاُخْرِجُوْا مِنْ دِيَارِهِمْ وَاُوْذُوْا فِيْ سَبِيْلِيْ وَقٰتَلُوْا وَقُتِلُوْا لَاُكَفِّرَنَّ عَنْهُمْ سَيِّاٰتِهِمْ وَلَاُدْخِلَنَّهُمْ جَنّٰتٍ تَجْرِيْ مِنْ تَحْتِهَا الْاَنْهٰرُ ۚ ثَوَابًا مِّنْ عِنْدِ اللّٰهِ ؕ وَاللّٰهُ عِنْدَهٗ حُسْنُ الثَّوَابِ ﴿۱۹۵﴾

ترجمو ڪنزالعرفان: پوءِ جن هجرت ڪئي ۽ پنهنجي گهرن مان ڪڍيا ويا ۽ منهنجي راهه ۾ انهن کي ستايو ويو ۽ انهن جهاد ڪيو ۽ قتل ڪيا ويا مان ضرور انهن جا سڀ گناهه انهن کان مٽائي ڇڏيندس ۽ ضرور انهن کي اهڙن باغن ۾ داخل ڪندس جن جي هيٺان نهرون وهن ٿيون (هيءُ) الله جي بارگاهه مان اجر آهي ۽ الله وٽ ئي سٺو ثواب آهي.

هن مان معلوم ٿيو، اهي ماڻهو جن دين جي خاطر پنهنجو گهر بار ڇڏيو، الله پاڪ جي راهه ۾ ستايا ويا، ربّ جي دُشمنن سان جنگ ڪئي ۽ شهيد ڪيا ويا، انهن کي الله پاڪ جنّت جي باغن ۾ داخل فرمائيندو، اهي باغات جن جي هيٺان نهرون وهي رهيون آهن.

(2) سيپارو: 2، سورت بقره، آيت: 218 ۾ الله پاڪ فرمائي ٿو: ترجموڪنزالعرفان: بيشڪ اهي ماڻهو جن ايمان آندو ۽ اهي جن الله جي لاءِ پنهنجا گهر بار ڇڏي ڏنا ۽ الله جي راهه ۾ جهاد ڪيو اهي رحمتِ الاهي جا اميدوار آهن. الله بخشڻهار مهربان آهي.

هن آيت ڪريمه مان معلوم ٿيو، جن دين جي خاطِر گهر بار ڇڏيا، الله پاڪ جي راهه ۾ دين جي دشمنن سان وڙهيا، اهي ڪير آهن؟ اهي ماڻهو جيڪي الله

پاڪ جي رحمت جي اميد رکندا آهن، بيشڪ الله پاڪ بخشڻهار مهربان آهي، انهن خوش نصيبن تي ضرور رحم و ڪرم جي بارش فرمائيندو.

سُبْحٰنَ الله! پيارا اسلامي ڀائرو! اهي اوصاف جيڪي هنن آيتن ۾ بيان ڪيا ويا، اهي شهداءِ ڪربلا، امام عالي مقام امام حسين رَضِیَ اللهُ عَنْه جي جان نثارن ۾ موجود آهن، هي اهي خوش نصيب آهن ۞ جن دين کي يزيدي فتني کان بچائڻ لاءِ پنهنجا گهر ٻار ڇڏيا، ۞ڪربلا جي ميدان ۾ پهتا، ۞ ظلم ۽ ستم جي آنڌين سامهون جبل ٻڻجي بيٺا، ۞ صبر ۽ برداشت جي عظيم مثال قائم ڪئي ۽ ۞ الله پاڪ جي راهه ۾ وڙهندي شهادت جي رتبي تي پهتا.

## شهداءِ ڪربلا بنا حساب جنت ۾ ويندا

روايت آهي: جنگِ صفّين جو موقعو هو، مسلمانن جا چوٿان خليفہ حضرت علي المرتضيٰ شير خدا رَضِیَ اللهُ عَنْه ميدان ڪربلا مان گذريا، هتي سندن نماز فجر ادا ڪئي، پوءِ هن ميدان مان مٽي جي هڪ مٺ ڀري، ان کي سونگهيو، پوءِ درد ڀري لهجي ۾ چيو: آهه...!! هيءَ اها جاءِ آهي جتي هڪ جماعت شهيد ڪئي ويندي، اهي سڀئي بلا حساب جنت ۾ داخل ٿيندا.

سُبْحٰنَ الله! ڇا شان آهي شهداءِ ڪربلا جي...!! هن روايت مان حضرت موليٰ علي رَضِیَ اللهُ عَنْه جو علم غيب بہ واضح آهي تہ اهو واقعو جيڪو اجان سالن کان بعد ٿيڻ وارو هو، موليٰ علي رَضِیَ اللهُ عَنْه اڳ ۾ ئي ان جي خبر ارشاد فرمايائون.

يہ شان ہے اُن کے غُلاموں کی | سرکار کا عالم کیا ہو گا...؟

پوءِ هن روايت مان هيءُ بہ معلوم ٿيو تہ سيئي شهداءِ ڪربلا، چاهي اهلِ بيتِ اطهار هجن يا صحابہ ڪرام يا تابعين، جن خوش نصيبن امام عالي مقام رَضِیَ اللہُ عَنْہُ تي پنهنجون جانيون قربان ڪيون، اِنْ شَآءَ اللهُ الْكَرِيْم! سيئي بلا حساب جنت ۾ داخل ٿيندا.

| | |
|---|---|
| کربلا تیری بہاروں کو سلام | جاں نثاری کے نظاروں سلام |
| قاسم و عبّاس پر ہوں رحمتیں | کربلا کے شہسواروں کو سلام |
| جس کسی نے کربلا میں جان دِی | ان سبھی ایمانداروں کو سلام |

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## جان نثارانِ ڪربلا جون عبادتون

پيارا اسلامي ڀائرو! ڪربلا جا جان نثار تمام بلند ڪردار، وڏا عبادت گذار، نيڪ ۽ پرهيزگار هئا. تاريخ طبري ۾ روايت آهي: سانحہءِ ڪربلا جي آخري رات (يعني جنهن رات جي صبح ڪربلا جو واقعو پيش آيو) سيني اهلِ ڪربلا اها رات عبادت ۽ رياضت ڪندي گذاري، اهي خوش نصيب ان رات ڪڏهن نفل نمازون پڙهندا هئا، ڪڏهن توبہ ۽ استغفار ڪندا هئا ۽ ڪڏهن الله پاڪ جي حضور روئي روئي، گڙ گڙائي دعائون ڪري رهيا هئا.[1]

[1] تاريخ طبرى، السنة الحادية و الستون، فيها مقتل الحسين جلد:3، صفحہ:315 ـ

سُبۡحٰنَ اللہ! ڪربلا وارن جو ڪھڙو ذوق آھي...!! دشمن سامھون آھي، پاڻي بند آھي، حالتون ۽ واقعات اھو ٻڌائي رھيا آھن تہ زندگي جي آخري رات آھي، چوڌاري مشڪلات ۽ پريشانيون گھيري وينيون آھن ۽ اھي اللہ پاڪ جا نيڪ ٻانھا آھن جو ذوق ۽ شوق سان، ھر مشڪل ۽ ھر پريشاني کي وساري، پنھنجي رب سان دل لڳائي وينا آھن.

یہ غازی، یہ تیرے پُراَسرَار بندے | جنہیں تُو نے بخشا ہے ذوقِ خُدائی
دو عالَم سے کرتی ہے بیگانہ دِل کو | عجب چیز ہے لذّتِ آشنائی
شہادت ہے مطلوب و مقصودِ مؤمن | نہ مالِ غنیمت، نہ کِشْور کَشَائی(1)

وضاحت: خدائي جو مطلب: امامت ۽ پيشوائي ڪرڻ. يعني اي مالڪ ڪريم! اھي غازي بہ تنھنجا عجيب ٻانھا آھن، انھن ۾ ذوقِ امامت ۽ ذوقِ پيشوائي ھوندو آھي، انھن جون دِليون محبتِ الٰھي سان سرشار ھونديون آھن، انھيءَ محبت جي ڪري اھي ٻنھي جھانن کان بي پرواھ ٿي، بس اللہ پاڪ جا ٿي ڪري رھجي وڃن ٿا. نہ اھي مالِ غنيمت چاھين ٿا، نہ پنھنجا جھنڊا لڳائڻ چاھين ٿا، انھن جو مقصد، انھن جو مطلوب تہ صرف اھو ھوندو آھي تہ اللہ پاڪ جي نالي تي جان قربان ڪري، ان جي حضور ڪامياب ٿي وڃن.

اللہ پاڪ اسان کي بہ اھڙو ذوق، اھڙو شوق نصيب ڪري...!! اسان کي تہ معمولي پريشاني اچي ٿي تہ ❁ شور ڪرڻ لڳون ٿا، ❁ بي صبري ڪندا آھيون، ❁ شڪايتون ڪندا آھيون، ❁ نيڪين کان منھن موڙي وٺندا آھيون. ❁ اھي

[1]... ڪليات اقبال(اردو)، بالِ جبريل، صفحہ:432 ـ

ڪربلا وارا آهن. ❁ اهي الله پاڪ جي محبت سان سرشار آهن، ❁ با ذوق آهن، ❁ نيڪ ۽ پرهيزگار آهن. ❁ اهي رب جي رضا جي خاطر پنهنجو سڀ ڪجهه قربان ڪرڻ وارا ماڻهو آهن. ❁ ڪا بہ مشڪل، ڪا بہ پريشاني انهن کي رب جي در کان پري نہ ٿي ڪري سگهي...!! الله پاڪ اسان کي انهن ڪربلا وارن جو فيضان نصيب فرمائي. اٰمِين بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيِّين صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

## ڪربلا جي پهرين شهيد جي نرالي تمنّا

ميدانِ ڪربلا ۾ جيترا خوش نصيب شريڪ هئا، انهن سڀني جو ايماني جوش ۽ جذبو بہ تمام ڪمال هو. ڪتابن ۾ لکيل آهي تہ ڪربلا جي ميدان ۾ پهريون خوش نصيب جيڪو شهادت جي رُتبي تي پهتو، اُهي حضرت مُسلم بن عَوسَجہ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه هئا. پاڻ يزيدي فوج ۾ لٿا، يزيدين کي جهنّم پهچايو، پنهنجي بهادري جا جوهر ڏيکاريا، آخر زخمي ٿي ڪري جڏهن زمين تي ڪِريا تہ امامِ عالي مقام، امام حسين رَضِيَ اللهُ عَنْهُ پنهنجي ديواني وٽ پهتو. جسم زخمي آهي، خون وهي رهيو آهي، ساهہ چپن تي آهي، هاڻي بس آخري ساهہ هيا. امامِ عالي مقام رَضِيَ اللهُ عَنْهُ انهن جي ويجهو پهتو، حضرت حبيب بن مُظَهَّر بہ گڏ هئا. حضرت حبيب چيو: اي مسلم! اي منهنجا دوست! توهان کي مبارڪ هجي! شهادت جو رُتبو حاصل ڪري جنت ۾ وڃڻ وارا آهيو.

هن گهڙي ۾ حضرت مسلم بن عوسجہ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جو ايماني جوش ڪهڙو هو، ٻڌو! پاڻ امامِ عالي مقام امام حسين رَضِيَ اللهُ عَنْهُ ڏانهن اشارو ڪيو ۽ حضرت حبيب رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه کي چيو: اي حبيب! توهان کي منهنجي وصيت آهي تہ منهنجي امام جي حفاظت ڪجو، شهيد ٿي وڃجو پر منهنجي امام کي تڪليف نہ اچڻ ڏجو.(1)

---

[1]... البدايہ و النهايہ، جز:8، جلد:4، صفحہ:579 ۔

الله! الله! هيءَ ڪهڙي محبت آهي...!! ڪهڙو جوشِ ايماني آهي، ساهه وڃڻ وارو آهي، بس ڪجهه منٽن ڪانپوءِ انهن جا ٻار يتيم ٿيڻ وارا آهن، گهرواري بيواهه ٿي وڃڻ واري آهي. هن موقعي تي ٻه نه ٻارن جي فڪر آهي، نه گهرواريءَ جي فڪر آهي، نه ڪنهن ٻئي دنياوي معاملي جي فڪر آهي، ها! فڪر ستائي رهي آهي ته اُها هڪ ئي آهي ته مان نه شهيد ٿي رهيو آهيان، مان نه پنهنجي امام تي جان قربان ڪري رهيو آهيان، هاڻي مون کان بعد امام کي تڪليف نه اچي.

ڪربلا جي هڪ ٻي جان نثار جي ايمان افروز قرباني جو ذڪر ٻڌو!

## حضرت وهب جي جان نثاري

حضرت وَهْب رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه بنوڪَلْب قبيلي جا نوجوان هئا، والد صاحب وفات ڪري چڪا هئا، پُوڙهي، بيواهه ماءُ جا اڪيلا پٽ هئا، نئين نئين شادي کي صرف 17 ڏينهن ئي گذريا هئا. هڪ ڏينهن امڙ سائڻ روئيندي انهن وٽ آئي، چيو: پٽ! تُون منهنجي اکين جو نور آهين، مون کي تنهنجي جدائي برداشت ته ناهي پر اڄ وقت قرباني جو آهي، ڪربلا جي ميدان ۾ رسول اڪرم جا ڏوهٽا صبر و استقامت جو امتحان ڏئي رهيا آهن، منهنجي خواهش آهي ته تُون ٻه امام حسين رَضِيَ اللهُ عَنْهُ تي جان قربان ڪر.

هونهار پٽ ماءُ جي فرمائش تي فوراً لبيڪ چيو، نئين نَوِيلي ڪنوار کي پنهنجي نيڪ ارادي سان خبردار ڪيو ۽ ميدانِ ڪربلا ڏانهن روانو ٿي ويو. امامِ عالي مقام رَضِيَ اللهُ عَنْهُ جي خدمت ۾ سلام پيش ڪيو ۽ وقت اچڻ تي اجازت وٺي ميدان ۾ لهي ويا.

الله اڪبر! نوجوان خون محبت اهلِ بيت ۽ شوقِ جنّت سان سرشار هو، يزيدي ظالم سامهون ايندا وڃن ٿا، حضرت وهب رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه انهن کي گجر موري جيان ڪٽيندا وڃن ٿا. آخرڪار ڪاري دلين واري يزيدين انهن تي هڪدم سان حملو ڪيو، پاڻ زخمن سان چُور ٿي ڪري زمين تي تشريف ڪٽي آيا، فوراً ئي هڪ ظالم يزيدي اڳتي وڌيو سندن سر ڌڙ کان جدا ڪري ڇڏيو. سندن سر سندن امڙ سائڻ پنهنجي جهولي ۾ رکيو، پيار ڪيو ۽ چيو: پٽ! هاڻي تنهنجي ماءُ توسان راضي ٿي. پوءِ سندن نئين ڪنوار جي هنج ۾ سر رکيو ويو، ڪنوار کي انهيءَ وقت جُهرجهري آئي ۽ انهن جو بہ روح پرواز ڪري ويو.[1]

پيارا اسلامي ڀائرو! ڏٺو توهان اهلِ بيت اطهار رَضِيَ اللهُ عَنۡهُم جي محبت ۽ جذبہءِ شهادت بہ ڪيڏي نہ عظيم نعمت آهي، صرف 17 ڏينهن جو گهوٽ ميدانِ ڪربلا ۾ دشمن جي لشڪر جرار سان اڪيلو وڙهيو ۽ جام شهادت پي ڪري جنت جو حقدار ٿي ويو.

## عظيم قرباني، نرالو انعام

پيارا اسلامي ڀائرو! اسان کي بہ گهرجي تہ دين جي خاطر قرباني لاءِ هميشہ تيار رهون، جڏهن بہ دين لاءِ قرباني ڏيڻ جو موقعو اچي تہ بلڪل پوئتي نہ هٽون، خوش دليءَ سان، استقامت ۽ حوصلي سان، نهايت بهادري ۽ شان سان قرباني پيش ڪريو. ان جو جيڪو انعام ملندو، اِنۡ شَآءَ اللهُ الۡكَرِيۡم! ڀاڳ کُلي ويندا. اچو! مان توهان کي راهِ خدا ۾ پيش ڪيل هڪ عظيم قرباني ۽ ان تي ملندڙ انعام جي داستان ٻڌايان ٿو.

[1]...سوانح ڪربلا، صفحہ:141 تا 146 ملخصاً۔

هڪ صحابي رَضِیَ اللہُ عَنۡہُ هو، نالو مبارڪ سعد هو ۽ رنگ ڪارو هو. هڪ ڏينهن بارگاهِ رسالت ۾ حاضر ٿيو، عرض ڪيو: يا رسول الله صَلَّی اللہُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم! ڇا منهنجي ڪاري رنگ جي ڪري مون کي جنت ۾ وڃڻ کان روڪيو ويندو؟ پياري آقا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّی اللہُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمفرمايو: ڇا تون الله ۽ رسول تي ايمان رکين ٿو؟ عرض ڪيو: جي ها! مان 8 مهينا اڳ مسلمان ٿيو آهيان. فرمايو: خدا جي قسم! پوءِ تنهنجو رنگ توکي جنت کان نہ روڪيندو. حضرت سعد رَضِیَ اللہُ عَنۡہُ عرض ڪيو: يا رسول الله صَلَّی اللہُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم! جڏهن ڳالهہ اهڙي آهي (ڪارو رنگ جنت ۾ وڃڻ کان رڪاوٽ نہ آهي) تہ پوءِ مون کي ڪو رشتو ڇو نہ ٿو ڏئي؟

هاڻي اصل معاملو واضح ٿي چڪو هو. پياري آقا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّی اللہُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايو: تون فلاڻي صحابي وٽ وڃ! انهن کي چئو تہ الله پاڪ جي رسول صَلَّی اللہُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم تنهنجي ڌيءُ جو نڪاح مون سان ڪري ڇڏيو آهي. حضرت سعد رَضِیَ اللہُ عَنۡہُ ان صحابيءَ جي گهر پهتا، پياري نبي، رسولِ هاشمي صَلَّی اللہُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو پيغام انهن کي پهچايو، صحابہ ڪرام رَضِیَ اللہُ عَنۡہُم الحمدلله! فرمانبردار هئا، انهن پيغام ٻڌو تہ فوراً بارگاهِ رسالت ۾ حاضر ٿيا ۽ پنهنجي ڌيءُ جو نڪاح حضرت سعد رَضِیَ اللہُ عَنۡہُ سان ڪري ڇڏيو. هاڻي پياري نبي، رسولِ هاشمي صَلَّی اللہُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم حضرت سعد رَضِیَ اللہُ عَنۡہُ لاءِ پئسن جو انتظام فرمايو، انهن پئسا ورتا پنهنجي زوجہ(گهرواري) لاءِ ڪجهہ شيون خريدڻ بازار هليا ويا.

هاڻي هي موقعو قرباني جو آهي، نہ ڄاڻ ڪيتري عرصي کان دل ۾ شاديءَ جي حسرت هوندي، اڄ اها حسرت پوري ٿي، حضرت سعد رَضِیَ اللہُ عَنۡہُ جو هاڻي هاڻي نڪاح ٿيو آهي، اڃا زوجہ(گهرواري) کي ڏٺو بہ نہ آهي، بازار مان پنهنجي نئين ڪنوار لاءِ شيون خريد ڪري رهيا هئا تہ اعلان ٿيو: اي انسانو! پيارا آقا، مڪي

مدني مصطفيٰ صَلَّی اللّٰہ عَلَیۡہِ واٰلِہٖ وَسَلَّم جنگ لاءِ روانا ٿيڻ وارا آهن، سيئي جلدي حاضر ٿي وڃن. حضرت سعد رَضِیَ اللّٰہ عَنۡہُ اهو اعلان ٻڌو ته مٿو آسمان ڏانهن ڪنيو ۽ چيو: اي الله ڪريم! مان انهن پئسن کي تنهنجي ۽ تنهنجي محبوب صَلَّی اللّٰہ عَلَیۡہِ واٰلِہٖ وَسَلَّم جي رضا لاءِ خرچ ڪندس. جيئن ته سندن انهن پئسن مان هڪ گهوڙو، هڪ نيزو، هڪ تلوار ۽ هڪ ڍال خريد ڪئي، عمامو ٻڌو، جنگ جي تياري ڪئي ۽ لشڪرِ اسلام سان وڃي مليا. جنگ ۾ شريڪ ٿيا، وڏي بهادري سان وڙهيا، ڪيترن دشمنن کي جهنم پهچايو، آخرڪار ميدانِ جنگ ۾ هڪ آواز گونجيو: **سعد کي نيزو لڳو ۽ اهي شهيد ٿي ويا.**

هي قرباني هئي، هن جنگ ۾ شهيد ته ٻيا صحابي به ٿيا هوندا پر حضرت سعد رَضِیَ اللّٰہ عَنۡہُ جيان نئين ڪنوار کي انتظار ڪندڙ ڇڏي، دل جون حسرتون دل ئي ۾ دٻائي شايد ڪو نه آيو هوندو، ان لاءِ انهن جي قرباني ٻين جي نسبت تمام گهڻي مختلف هئي، هن قرباني جي شان نرالي هئي. هن عظيم قرباني تي انهن کي انعام ڇا مليو، ٿوري دل جهلي ڪري ٻڌو!

روايت ۾ آهي: جڏهن پياري آقا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّی اللّٰہ عَلَیۡہِ واٰلِہٖ وَسَلَّم کي حضرت سعد رَضِیَ اللّٰہ عَنۡہُ جي شهادت جي خبر ملي ته پاڻ صَلَّی اللّٰہ عَلَیۡہِ واٰلِہٖ وَسَلَّم تشريف فرما ٿيا فَرَفَعَ رَاْسَهٗ وَوَضَعَهٗ عَلٰى حِجْرِهٖ پاڻ صَلَّی اللّٰہ عَلَیۡہِ واٰلِہٖ وَسَلَّم حضرت سعد جو سر پنهنجي جهولي ۾ رکيائون وَ مَسَحَ عَنْ وَجْهِهِ التُّرَابَ بِثَوْبِهٖ ۽ انهن جي چهري جي مٽي پنهنجي ڪپڙن سان صاف ڪئي ۽ فرمايائون: مَا اَطْيَبَ رِيْحَكَ وَ اَحَبَّكَ اِلَى اللهِ وَ رَسُوْلِهٖ (اي سعد!) تنهنجي خوشبو ڪيتري پياري آهي، تون الله ۽ رسول جو ڪيترو پيارو آهين!!....

الله! الله! حضرت سعد رَضِیَ اللہُ عَنۡہُ جي هن نصيب تي هزار جانيون فدا ٿين، ڪيڏو نرالو نصيب آهي، زمانو جنهن جي هڪ جهلڪ ڏسڻ ڪي ترسندو آهي، ملائڪ جنهن جي در تي حاضري جي خواهش ڪندا آهن، اُهو بلند رتبہ نبي، رسولِ هاشمي صَلَّی اللّٰہ عَلَیۡہِ واٰلِہٖ وَسَلَّم جن جو اُمّتي ٿيڻ جي خواهش نبين ڪئي، اهي محبوبِ خدا صَلَّی اللّٰہ عَلَیۡہِ واٰلِہٖ وَسَلَّم پنهنجي صحابيءَ تي ڪيڏي شفقت فرمائي رهيا آهن، جڏهن پيارا آقا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّی اللّٰہ عَلَیۡہِ واٰلِہٖ وَسَلَّم هنن جو سر پنهنجي جهولي ۾ رکيو هوندو، پنهنجي ڪپڙن سان هنن جي چهري جي مٽي صاف ڪئي هوندي، صحابہ ڪرام عَلَیۡہِمُ الرِّضۡوَان ڪي هنن تي ڪهڙو رشڪ آيو هوندو!!...

پر هي انعام هتي ختم نہ ٿيا، روايت ۾ آهي: پيارا آقا، رسولِ صَلَّی اللّٰہ عَلَیۡہِ واٰلِہٖ وَسَلَّم رُنا، پوءِ مسڪرايا ۽ پنهنجو چهرو مبارڪ هڪ طرف ڦيري ڇڏيو ۽ فرمايو: وَرَدَ الْحَوْضَ وَرَبِّ الْكَعْبَةِ ربِ ڪعبہ جي قسم! سعد حوضِ ڪوثر تي پهچي چڪا آهن.

صحابه ڪرام عَلَیۡہِمُ الرِّضۡوَان عرض ڪيو: يا رسول الله صَلَّی اللّٰہ عَلَیۡہِ واٰلِہٖ وَسَلَّم! توهان پهريان رُنا، پوءِ مسڪرايا ۽ چهرو مبارڪ هڪ طرف ڦيرائي ڇڏيو، هن ۾ ڪهڙي حڪمت هئي؟ فرمايائون: مان سعد جي محبت ۾ رُنو هيس ۽ الله پاڪ سعد ڪي جيڪو مقام عطا فرمايو، اُن ڪي جنهن عزت سان نوازيو آهي، اُن ڪي ڏسي مسڪرائي ڏنو ۽ مون ڏٺو تہ جنتي حورون جيڪي سعد جي نڪاح ۾ ڏنيون ويون، اهي ډوڙندي هن جي طرف اچي رهيون هيون، اُنهن کان حياءُ سبب مان پنهنجو چهرو ڦيرائي ڇڏيو هو.(1)

سبحٰن الله! پيارا اسلامي ڀائرو! هي آهي قرباني...!! ۽ هي آهي قرباني جو انعام!!...

---

[1]... تنبيه الغافلين، صفحہ:353، 354 ملخصاً۔

جس دھج سے کوئی مقتل میں گیا، وہ شان سلامت رہتی ہے
اس جان کی کوئی بات نہیں، یہ جان تو اک دِن جانی ہے

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

## گفتار جا غازي

پيارا اسلامي ڀائرو! توهان ڏٺو! صحابهءِ ڪرام عَلَيْهِمِ الرِّضْوَان دين جي رستي ۾ ڪهڙيون ڪهڙيون قربانيون پيش ڪندا ها. پر افسوس! اڄ اسين بهانا ٺاهيندا آهيون. ۞ اسان وٽ دنيا جي هر ڪم لاءِ وقت آهي پر دين جي خدمت لاءِ ۞ قرآن ۽ حديث سکڻ لاءِ ۞ علمِ دين حاصل ڪرڻ ۽ ٻين تائين پهچائڻ لاءِ وقت ناهي ۞ پنهنجي عيش ۽ عشرت لاءِ هزارين لکين روپيه به خرچ ڪري ڇڏيون ٿا پر دين جي خدمت لاءِ مال قربان ڪندي دل گهٽجو وڃي. ۞ پنهنجي صلاحيتن جو استعمال ڪري تمام گهڻي دنيا گڏ ڪري وٺون ٿا پر دين خاطر پنهنجون صلاحيتون پيش ناهيون ڪندا ۞ جان جي بازي لڳائڻ ته پري جي ڳالهه آهي، اسان کان وقت ۽ مال جي به قرباني نٿي ڏني وڃي.

تھے تو آباء وہ تمہارے ہی مگر تم کیا ہو...؟ | ہاتھ پر ہاتھ دھرے مُنْتَظِرِ فردا ہو

پيارا اسلامي ڀائرو! اڄ اسين غور ڪريون! آخر اهو ڪهڙو جذبو هو جنهن جذبي جي تحت امامِ عالي مقام امام حسين رَضِيَ اللّٰهُ عنہ ايتري عظيمُ الشان قرباني پيش ڪئي، صحابه ڪرام رَضِيَ اللّٰهُ عنهم قدم قدم تي قربانيون ڏيندا رهيا. ڳالهه اها آهي ته ۞ اهي بلند رتبه حضرات ڪامِلُ الايمان هئا ۞ اهي جوشِ ايمان جي جذبن سان سرشار هئا ۽ ۞ افسوس! اڄ جو مسلمان اڪثر ايمان جي

ڪمزوري جو شڪار آهي. ۞ انهن جي سامهون هر وقت الله ۽ رسول جي رضا هوندي هئي پر افسوس! اڄ جي مسلمانن جي اڪثريت جي هن طرف ڪا توجهه ناهي ۞ اهي الله ۽ رسول جي محبت سان سرشار هئا پر افسوس! اڄ جي مسلمانن جي وڏي اڪثريت دنيا جي محبت ۾ غرق آهي ۞ اهي اعليٰ ڪردار جا مالڪ هوندا هئا پر اڄ اڪثر مسلمان صرف گفتار (يعني ڳالهين) جا غازي بڻجي ڪري رهجي ويا آهن.

۞ افسوس! اسان دنيا جي محبت ۾ غرق ٿي ڪري ۞ رضاءِ الٰهي جي ڪمن کان دور ٿي ڪري ۞ پنهنجين زندگين کي گناهن کان پري ڪري ۞ پنهنجي پياري پياري آقاء مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّي اللهُ عَلَيۡهِ وَ آلِهٖ وَسَلَّم جي سنتن جو عامل بڻجڻ بدران ٻين جي فيشن کي اختيار ڪري پنهنجي حالت خود ئي بگاڙي ڇڏي آهي. افسوس! اسان بي عملي جي سبب ذلت ۽ رسوائي جي کِهري کڏ ۾ تمام تيزي سان ڪري رهيا آهيون.

اے خاصۂ خاصانِ رُسُل وَقتِ دُعا ہے | اُمّت پہ تِری آ کے عجب وقت پڑا ہے
جو دین بڑی شان سے نکلا تھا وطن سے | پردیس میں وہ آج غریب الغربا ہے
ہم نیک ہیں یا بد ہیں پھر آخر ہیں تمہارے | نسبت بہت اچھی ہے اگر حال برا ہے
تدبیر سنبھلنے کی ہمارے نہیں کوئی | ہاں ایک دعا تیری کہ مقبولِ خدا ہے

## احساسِ ذمّہ داري پيدا ڪريو

پيارا اسلامي ڀائرو! اسان کي سنجيدگيءَ سان پنهنجي ڪردار جو جائزو وٺڻ گهرجي ۞ اسان تي لازم آهي تہ پنهنجي گناهن کان سچي توبہ ڪريون ۞ پنهنجي اندر جوشِ ايماني پيدا ڪريون ۞ ۽ اهو ذهن ٺاهي ڇڏيون تہ مون کي دين جي خدمت ڪرڻي ئي ڪرڻي آهي ۞ ڪاش! سڀئي اهو مدني مقصد اپنائي وٺن تہ **مون کي پنهنجي ۽ سڄي دنيا جي ماڻهن جي اصلاح جي ڪوشش ڪرڻي آهي.** اِنْ شَآءَ اللّٰهُ الْكَرِيْم!

هڪ مسلمان جي حيثيت سان جيڪڏهن اسان پنهنجي ذمّہ داري کي سمجهي، الله ۽ رسول جي محبت دل ۾ رکي ڪري هن مدني مقصد کي پورو ڪرڻ ۾ لڳي وڃون تہ اِنْ شَآءَ اللّٰهُ الْكَرِيْم! ٻنهي جهان ۾ ٻيڙو پار ٿي ويندو.

## پلائي جون ڳالهيون سيکارڻ جي فضيلت

امام ابونعيم رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه لکن ٿا: الله پاڪ حضرت موسيٰ عَلَيْهِ السَّلَام جي طرف وحي موڪلي تہ اي موسيٰ! پلائي جون ڳالهيون پاڻ بہ سکو ۽ ٻين کي بہ سيکاريو جو مان پلائي سيکارڻ وارن جي قبرن کي روشن ڪندس تہ جيئن انهن کي ڪنهن بہ قسم جي وحشت نہ ٿئي.[1]

## مبلغن جون قبرون چمڪنديون

اي عاشقانِ رسول! هن روايت مان نيڪي جي ڳالهہ سکڻ ۽ سيکارڻ جو اجر ۽ ثواب معلوم ٿيو. سُبْحٰنَ الله! جيڪي سنتن ڀريا بيان ڪن ٿا، درس ڏيندا ۽

[1] حلية الاولياء، جلد:6، صفحه:5، رقم:7622۔

ٻڌندا آهن، اِنْ شَآءَ اللهُ الْكَرِيْم! انهن جا ته ٻاڪ ئي پلا تي ويندا، الله پاڪ چاهيو ته ضرور انهن جون قبرون اندر کان چمڪنديون رهنديون، جيڪي نيڪي جي دعوت عام ڪن ٿا، مدني قافلن ۾ سفر ڪري نيڪ اعمال جي ترغيب ڏيارين ٿا، سنتن ڀري اجتماع ۾ شريڪ ٿيڻ جي دعوت ڏين ٿا، اِنْ شَآءَ اللهُ الْكَرِيْم! انهن جون قبرون به نورِ مصطفىٰ صَلَّی اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي صدقي نورٌ علىٰ نورٌ هونديون.

قبر میں لہرائیں گے تاحَشر چشمے نور کے | جلوہ فرماہوگی جب طَلعَت رسول اللہ کی

## جنت ۾ داخلوءِ گذريل گناهن جو ڪفّارو

اي عاشقانِ رسول! اهي اسلامي ڀائر جيڪي علمِ دين سکڻ جي نيت سان مدني قافلن ۾ سفر ڪن ٿا، انهن لاءِ جنت ۾ داخل ٿيڻ ۽ گذريل گناهن جي ڪفّاري جي خوشخبري آهي. (1) حضرت ابو سعيد خدري رَضِيَ اللهُ عَنْهُ کان روايت آهي: مَنْ غَدَا وَ رَاحَ وَ هُوَفِيْ تَعْلِيْمِ دِيْنِهٖ فَهُوَفِي الْجَنَّةِ يعني جيڪو پنهنجي دين جو علم سکڻ لاءِ صبح يا شام جو نڪتو، اهو جنتي آهي.[1] (2) هڪ حديث پاڪ ۾ آهي: جيڪو شخص علم جي تلاش ڪري ٿو، ته اهو ڪم ان جي گذريل گناهن جو ڪفّارو ٿي وڃي ٿو.[2]

## دنيا حاصل ڪرڻ لاءِ سفر

پيارا اسلامي ڀائرو! غور ته فرمايو! اڄ ماڻهو مال وڏائڻ لاءِ پنهنجي شهر کان ٻئي شهر، پنهنجي ملڪ کان ٻئي ملڪ پهچي وڃن ٿا ۞ ماءُ پيءُ۞ ڀيڻ ڀائرن ۞ ۽ ٻار ٻچن کان ڪيئي سال سال ڀري رهن ٿا. افسوس! اڄ دنيا

[1] حلية الاولياء، جلد:7، صفحه:295، رقم:10581۔
[2] ترمذی، کتاب العلم، باب فضل طلب العلم، صفحه:624، حديث:2648۔

حاصل ڪرڻ خاطر اڪثر ماڻهو هر طرح جون قربانيون ڏين ٿا پر اهڙي عظيم الشان اجر ۽ ثواب جي خوشخبريءَ باوجود راهِ خدا ۾ چند ڏينهن لاءِ مدني قافلي ۾ سفر ڪرڻ لاءِ تيار نہ ٿا ٿين .

ٺورو سوچيو تہ صحيح! صحابہ ڪرام، اهلِ بيتِ پاڪ ۽ شهداءِ ڪربلا رَضِيَ اللهُ عَنْهُم راهِ خدا ۾ ڪهڙيون ڪهڙيون قربانيون پيش ڪيون، راهِ خدا جي هر سفر ۾ وڏي ڪري حصو ورتو، هي انهن جي ئي قربانين جو صدقو آهي جو اڄ دنيا ۾ هر طرف دين اسلام جون بهارون آهن، بهرحال! هڪ طرف صحابہءِ ڪرام ۽ اهلِ بيت رَضِيَ اللهُ عَنْهُم آهن جو جن جون زندگيون دين جي سربلندي لاءِ وقف هيون ۽ ٻئي طرف اسان غافل ماڻهو آهيون جن جا ڏينهن رات صرف ۽ صرف دنيا جي ترقي لاءِ جڻ وقف آهن.

اسان کي بہ همت ڪرڻي آهي، اسان کي بہ جوشِ ايماني جو ثبوت ڏيڻو آهي. الحمد للہ! عاشقانِ رسول جي ديني تحريڪ دعوتِ اسلامي وارا عاشقانِ رسول نرالي انداز ۾ ڪربلا وارن جي قربانين کي خراج تحسين پيش ڪن ٿا، الله پاڪ جي فضل سان شهداءِ ڪربلا جي ايصالِ ثواب لاءِ هر سال ئي 8، 9 ۽ 10 محرم شريف تي مدني قافلا سفر ڪندا آهن، توهان بہ همت ڪريو! جوشِ ايماني جو ثبوت ڏيو ۽ ڪربلا وارن جي ايصالِ ثواب لاءِ مدني قافلي جا مسافر بڻجي وڃو! اِنْ شَآءَ اللّٰهُ الْکَرِيْم! دين ۽ دنيا جون بيشمار ڀلائيون نصيب ٿينديون.

| | |
|---|---|
| لوٹنے رحمتیں قافلے میں چلو | سیکھنے سنتیں قافلے میں چلو |
| قرض ہو گا ادا، آ کے مانگو دُعا | پاؤ گے برکتیں قافلے میں چلو |

امامِ عالي مقام امام حُسَين رَضِیَ اللہُ عَنْہ ۽ سندن ساٿين جي صدقي الله پاڪ اسان سڀني کي عمل جي توفيق عطا فرمائي.

## ذيلي حلقي جي 12 ديني ڪمن مان هڪ ديني ڪم: مدرسة المدينہ بالغان

پيارا اسلامي ڀائرو! عشقِ مصطفيٰ صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم ماڻڻ ۽ اهل بيت رَضِیَ اللہُ عَنْہم جي محبت حاصل ڪرڻ جي لاءِ عاشقانِ رسول جي ديني تحريڪ دعوتِ اسلامي جي ديني ماحول سان وابستہ ٿي وڃو. ذيلي حلقي جي 12 ديني ڪمن ۾ بہ خوب وڌي ڪري حصو وٺو! اِنْ شَآءَ اللہُ الْکَرِیْم! دِين ۽ دنيا جون بيشمار برڪتون نصيب ٿينديون. ذيلي حلقي جي 12 ديني ڪمن مان هڪ ديني ڪم **مدرسة المدينہ بالغان** بہ آهي.

حديثِ پاڪ ۾ آهي: توهان مان بهتر اهو آهي، جيڪو قرآن سکي ۽ سيکاري.[(1)]
۞ قرآنِ مجيد الله پاڪ جي ڪتاب آهي، ۞ ٻانهن جي نالي رَبِّ ڪريم جو پيغام آهي. ۞ پر افسوس! اڄڪلهہ مسلمان قرآنِ ڪريم کان تمام پري ٿي رهيا آهن.
۞ گهڻن ماڻهن کي صحيح قرآنِ مجيد پڙهڻ بہ نہ ٿو اچي. جيڪي پڙهي وٺن ٿا، اهي بہ تجويد ۽ مخارج جون اهڙيون غلطيون ڪن ٿا، جن جي سبب نماز ئي ناهي ٿيندي.

۞ الحمد لله! عاشقانِ رسول جي ديني تحريڪ دعوتِ اسلامي قرآن جو فيضان عام ڪرڻ ۾ مصروف آهي. صرف 45 منٽن جي ڪلاس ٿيندي آهي. جنهن ۾

---

[1]... بخاری، کتاب فضائل القرآن، باب خیرکم من ...الخ، صفحہ:1299، حدیث:5027۔

صحيح تجويد ۽ قراءت سان قرآن پڙهڻ بہ سيکاريو ويندو آهي. فرض علوم بہ ٻڌايا ويندا آهن. سنتون ۽ آداب بہ سيکاريا ويندا آهن ۽ ترجمو ۽ تفسير ٻڌڻ جو بہ موقعو ملندو آهي.

توهان بہ ان ۾ شرڪت ڪيو! اِنْ شَآءَاللّٰهُ الْكَرِيْم! ! تمام برڪتون ملنديون.

## براڪم ڇڏي ڏنا

حيدرآباد (سنڌ) جي رهاڪو اسلامي ڀاءُ جي بيان جو خلاصو آهي: دعوتِ اسلامي جي ديني ماحول سان وابستہ ٿيڻ کان اڳ ۾ مان دنيا جي رنگينين ۾ گم، غفلت ڀري زندگي گذاري رهيو هيس. مَعَاذَاللّٰه! اڪثر گانا جهونگاريندو هيس. منهنجو هڪ ماسات جيڪو دعوتِ اسلامي جي ديني ماحول سان وابستہ هو، مونکي مدرسة المدينہ بالغان ۾ قرآنِ پاڪ پڙهڻ جي دعوت ڏيندو رهندو هو. سندس انفرادي ڪوشش رنگ لاتو ۽ مون هڪ ڏينهن مدرسة المدينہ بالغان ۾ شرڪت ڪئي. الحمد لله! مدرسة المدينہ بالغان ۾ قرآنِ پاڪ جي تعليم حاصل ڪرڻ جي برڪت سان مون صحيح مخارج سان قرآنِ پاڪ پڙهڻ بہ سکي ورتو. ۽ دعوتِ اسلامي جي ديني ماحول سان وابستہ ٿي ڪري ديني ڪمن ۾ بہ مصروف ٿي ويس. انهن ديني ڪمن جي برڪت سان الحمد لله! مونکي 2 ڀيرا عمرو ڪرڻ جي سعادت نصيب ٿي.[1]

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

[1]…سینما گھر کا شیدائی، صفحہ:7۔

## مدني قاعده (Madani Qaida) موبائل ايپليڪيشن

پيارا اسلامي ڀائرو! قرآنِ ڪريم جو فيضان عام ڪرڻ جي لاءِ دعوتِ اسلامي جي *I.T* ڊيپارٽمنٽ هڪ موبائل ايپليڪيشن بہ جاري ڪئي آهي، جنهن جو نالو آهي: مدني قاعده *(Madani Qaida)*. هن ايپليڪيشن ۾ مڪمل مدني قاعدو ۽ ان جي آڊيو *(Audio)* شامل ڪئي وئي آهي يعني هن ايپليڪيشن ۾ توهان مدني قاعدي جي جنهن اکر يا جنهن لفظ تي ڪلڪ *(Click)* ڪندا، آڊيو *(Audio)* ۾ ان جو تَلَفُّظ هلندو، ايئن هن ايپليڪيشن جي مدد سان آسانيءَ سان مدني قاعدو پڙهي ڪري، ان جي مشق *(Practice)* ڪري درست مخارج ۽ ضروري تجويد سکي سگهجي ٿي. هيءَ ايپليڪيشن پنهنجي اسمارٽ فون ۾ انسٽال ڪري وٺندا، پاڻ بہ فائدو حاصل ڪندا ۽ ٻين کي بہ ترغيب ڏياريندا.

صَلُّوا عَلَی الْحَبِيب! صَلَّی اللهُ عَلٰی مُحَمَّد

پيارا اسلامي ڀائرو! بَيان کي اِختِتام ڏانهن آڻيندي سُنّت جي فضيلت، ڪجھ سُنّتون ۽ آداب بَيان ڪرڻ جي سَعادَت حاصِل ڪيان ٿو. تاجدارِرسالت، شَهنشاهِ نُبُوت صَلَّی اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايو: مَنْ اَحَبَّ سُنَّتِی فَقَدْ اَحَبَّنِی وَمَنْ اَحَبَّنِی كَانَ مَعِیَ فِی الْجَنَّةِ جنهن منهنجي سُنّت سان مَحَبَّت ڪئي ان مون سان مَحَبَّت ڪئي ۽ جنهن مون سان مَحَبَّت ڪئي اهو جنّت ۾ مون سان گڏ هوندو.[1]

سينہ تيری سُنّت کا مدينہ بنے آقا! | جنت ميں پڑوسی مجھے تم اپنا بنانا

1 مشكوٰة الصابيح،كتاب الايمان،باب الاعتصام بالكتاب والسنة ،الفصل الثاني،55/1،حديث:175

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

# ايصال ثواب جا سنتون ۽ آداب

مُحَرَّم شريف جو مهينو جاري آهي، گهڻو ڪري اهلِ بيت اطهار رضي اللّٰه عنهم جو ذڪر خير ڪريو! ❁ گهر ۾ ❁ آفيس ۾ ❁ دڪان تي ❁ جتي جتي ٿي سگهي، شهيدان ۽ اسيرانِ ڪربلا رضي اللّٰه عنهم جي ايصالِ ثواب جو انتظام ڪريو! ياد رکو...! ايصال ثواب پياري نبي، مڪي مدني صلى الله عليه و آله و سلم جي مبارڪ ادا آهي. حديثِ پاڪ ۾ آهي: پياري نبي، رسولِ هاشمي صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ٻہ دنبا ذبح فرمايا، هڪ جو ثواب ساري امت کي پهچايو ۽ هڪ پنهنجي ۽ پنهنجي اهلِ بيت لاءِ ذبح فرمايو. ( ابن ماجہ، كتاب الاضاحى، باب اضاحى رسول الله صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَ اٰلِهٖ وَ سَلَّم، صفحہ:509، حديث:3222 ) صحابہ ڪرام رضي اللّٰه عنهم جي مبارڪ دور ۾ ايصالِ ثواب جا مختلف طريقا رائج هئا مثلاً: ❁ اهي حضرات ميت جي طرفان ستن ڏينهن تائين کاڌو کارائيندا هئا. (الحاوى للفتاوىٰ، طلوع الثريا باظهار ماكان خفيا، صفحہ:591۔) ❁ فوت ٿيل جي قبر تي قرآنِ پاڪ جي تلاوت ڪندا هئا. ❁ حضرت امام حسن ۽ حسين رضي اللّٰه عنهما پنهنجي والدِ محترم يعني حضرت مولا علي، شيرِ خدا رضي اللّٰه عنہ جي ايصالِ ثواب لاءِ غلام آزاد ڪندا هئا. (مصنف ابن ابى شيبة، كتاب الجنائز، باب ما يتبع الميت بعد موته، جلد:3، صفحہ:262، حديث:12۔) ❁حضرت سعد رضي اللّٰه عنه پنهنجي والده جي انتقال کان پوءِ انهن جي ايصالِ ثواب لاءِ پاڻي جو کوهہ کوڏايو.( ) اميرِ اهلِ سنت مولانا الياس عطّار قادري دامت برڪاتهم العاليہ لکن ٿا: ❁ ايصالِ ثواب جي لفظي معنىٰ آهي: ”ثواب پهچائڻ“ ان کي ”ثواب بخشڻ“ بہ چوندا آهن پر بزرگن لاءِ ”ثواب بخشڻ“ چوڻ مناسب ناهي، ”ثواب نذر ڪرڻ“ چوڻ ادب جي وڌيڪ قريب آهي.

❁ فرض ❁ واجب ❁ سنت ❁ نفل ❁ نماز❁ روزو ❁ زڪوات ❁ حج ❁ تلاوت ❁ نعت شريف ❁ ذڪرُ الله ❁ درود شريف ❁ بيان ❁ درس ❁مدني قافلي ۾ سفر ❁علائقي دورو ❁ ديني ڪتاب جو مطالعو *❁ نيڪي جي دعوت وغيره هر نيڪ ڪم جو ايصالِ ثواب ڪري سگهو ٿا. ❁ اولياء ڪرام رحمہ الله عليهم جي فاتحہ جي کاڌي کي تعظيمًا "نذر و نياز" چوندا آهن ۽ اهو جائز آهي، ان کي امير ۽ غريب سڀ کائي سگهن ٿا. ❁نياز ۽ ايصالِ ثواب جي کاڌي تي فاتحہ پڙهڻ لاءِ ڪنهن کي گهرائڻ يا ٻاهرين مهمان کي کارائڻ شرط ناهي، گهر جا فرد اگر پاڻ ئي فاتحہ پڙهي کائي وٺن تہ بہ ڪو حرج ناهي.❁ مسجد يا مدرسو ناهڻ صدقہ جاريہ ۽ ايصالِ ثواب جو بهترين ذريعو آهي. ❁محرم شريف جي مناسبت سان مختلف ڪتاب ۽ رسائل مثلاً: ❁ محرم جا فضائل ❁ فيضانِ اهلِ بيت ❁ ڪربلا جو خوني منظر ❁ سوانح ڪربلا ❁ آئينۂ قيامت ❁ حسيني گهوٽ ❁ امام حسين جا واقعا❁ امام حسين جون ڪرامتون پڙهي ۽ ورهائي ڪري بہ ايصالِ ثواب ڪري سگهجي ٿو.

**مختلف سنّتون سکڻ جي لاءِ مڪتبۃُ المدينہ جو ڪتاب بهارِ شريعت جلد**:3 **حصّو**: 16، ۽ **شيخِ طريقت، اميرِ اهلسنّت** دَامَتْ بَرَڪَاتُهُمُ الْعَالِيَہْ **جو** 91 **صفحات جو رسالو** 550 **سنّتون ۽ آداب خريد ڪيو ۽ پڙهو، سنّتن سکڻ جو هڪ بهترين ذريعو دعوتِ اسلامي جي مدني قافلن ۾ عاشقانِ رسول سان گڏ سنّتن ڀريو سَفر بہ آهي.**

آؤ مدنی قافلے میں ہم کریں مل کر سفر | سنّتیں سیکھیں گے اِس میں اِن شآءَاللہ سر بسَر

جو بھی شیدائی ہے مدنی قافلوں کا یا خدا! | دو جہاں میں اُس کا بیڑا پار فرما یا خدا!

الله پاڪ اسان کي عمل جي توفيق عطا فرمائي.

اٰمِين بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

## صَلُّوْا عَلَي الْحَبِيب! صَلَّي اللّٰهُ عَلٰي مُحَمَّد

## دعوتِ اسلامي جي هفتيوار سنتن ڀري اِجتماع ۾ پڙهيا ويندڙ 6 درود شريف ۽ 2 دعائون

## (1) جمعه جي رات جو دُرُود

اَللّٰهُمَّ صَلِّ وَسَلِّمْ وَبَارِكْ عَلٰى سَيِّدِنَا مُحَمَّدٍ النَّبِيِّ الْاُمِّيِّ الْحَبِيْبِ الْعَالِى الْقَدْرِ الْعَظِيْمِ الْجَاهِ وَعَلٰى اٰلِهٖ وَ صَحْبِهٖ وَسَلِّمْ

بزرگن فرمايو آهي تہ جيڪو شخص هر جمعرات (جمعہ ۽ خميس جي وچين رات) هن دُرُود شريف کي پابندي سان گهٽ ۾ گهٽ هڪ ڀيرو پڙهندو موت جي وقت سرڪار مدينہ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي زيارت ڪندو ۽ قبر ۾ داخل ٿيڻ وقت بہ ايستائين هو ڏسندو تہ سرڪار مدينہ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ ان کي پنهنجي هٿن سان قبر ۾ داخل ڪري رهيا آهن. (1)

## (2) سمورا گُناه مُعاف

1... اَفْضَلُ الصّلاة، صفحہ:151، خلاصةً۔

اَللّٰھُمَّ صَلِّ عَلٰی سَیِّدِنَا وَ مَوْلَانَا مُحَمَّدٍ وَّعَلٰی اٰلِہٖ وَسَلِّمْ

حضرتِ سَيِّدُنا انس رَضِیَ اللہ عَنْہ کان روايت آهي تہ تاجدارِ مدينه صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن فرمايو: جيڪو شَخص هي دُرُود شريف پڙهي جيڪڏهن بيٺل هو تہ ويهڻ کان پهريان ۽ ويٺل هو تہ بيهڻ کان پهريان، ان جا گناهہ معاف ڪيا ويندا. (1)

## (3) رَحمت جا ستر دروازا

صَلَّی اللہُ عَلٰی مُحَمَّدٍ

جيڪو هي دُرُود شريف پڙهندو آهي ان تي رحمت جا ستر دروازا کوليا ويندا آهن. (2)

## (4) ڇهہ لک دُرُود شريفن جو ثواب

اَللّٰھُمَّ صَلِّ عَلٰی سَیِّدِنَا مُحَمَّدٍ عَدَدَ مَا فِیْ عِلْمِ اللہِ صَلَاۃً دَآئِمَۃً بِدَوَامِ مُلْکِ اللہِ

حضرت اَحمد صاوِي رَحْمَۃُ اللہِ تَعَالٰی عَلَیْہ ڪن بُزرگن کان نقل ڪن ٿا هن دُرُود شريف کي هڪ ڀيرو پڙهڻ سان ڇهہ لک دُرُودشريف پڙهڻ جو ثواب حاصل ٿيندو آهي. (3)

## (5) قُربِ مُصطَفٰي صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم

اَللّٰھُمَّ صَلِّ عَلٰی مُحَمَّدٍ کَمَا تُحِبُّ وَ تَرْضٰی لَہٗ

هڪ ڏينهن هڪ شَخص آيو تہ حُضُورِ اَنور صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم کيس پنهنجي ۽ صِدّيقِ

[1]… اَفْضَلُ الصّلاۃ، صفحہ:65۔
[2]… قَوْلُ البَدِيْع، باب ثانی، صفحہ:277۔
[3]… اَفْضَلُ الصلاۃ، صفحہ:149۔

اڪبر رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنہُ جي وچ ۾ ويهاريو، انهيءَ تي صَحابَہ ڪرام رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنہُم کي تَعَجُّب ٿيو تہ اهڙي مرتبي وارو شخص ڪير آهي جڏهن اهو هليو ويو تہ سرڪار مدينہ صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ جن فرمايو: هو جڏهن مون تي دُرُودِ پاڪ پڙهندو آهي تہ هيئن پڙهندو آهي.[1]

## (6) دُرُود شَفَاعت

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى مُحَمَّدٍ وَّاَنْزِلْهُ الْمَقْعَدَ الْمُقَرَّبَ عِنْدَكَ يَوْمَ الْقِيَامَةِ

شافع امم صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ جن جو فرمان معظم آهي : جيڪو شخص هي درود پاڪ پڙهي ان جي لاءِ منهنجي شفاعت واجب ٿي ويندي آهي.[2]

## (1) هڪ هزار ڏينهن جون نيڪيون

جَزَى اللهُ عَنَّا مُحَمَّدًا مَا هُوَ اَهْلُهٗ

حضرتِ سَيِّدُنا ابنِ عباس رَضِیَ اللہُ عَنْهما کان رِوايت آهي تہ سرڪارِ مدينہ صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ جن فرمايو: هي درود شريف پڙهڻ واري جي لاءَ ستر فرشتا هڪ هزار ڏينهن تائين نيڪيون لکندا آهن.[3]

## (2) جڻ شبِ قدر حاصل ڪري ورتي

---

[1]… قَوْلُ البَدِيْع، باب اَوَّل، صفحہ:125۔

[2]… الترغيب والترهيب، كِتَابُ الذِّكْر والدُّعَا، جلد:2، صفحہ:329، حديث:30۔

[3]… مَجْمَعُ الزَّوائِد، كِتَابُ الْاَدْعِيَہ، جلد:10، صفحہ:254، حديث:17305۔

لَآ اِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ الْحَلِيْمُ الْكَرِيْمُ ، سُبْحٰنَ اللّٰهِ رَبِّ السَّمٰوٰتِ السَّبْعِ وَرَبِّ الْعَرْشِ الْعَظِيْم

(خداءِ حليم و ڪريم کان سواءِ ڪوئي عبادت جي لائق ناهي، الله عَزَّوَجَلَّ پاڪ آهي جيڪو ستن آسمانن ۽ عرشِ عظيم جو پروردگار آهي)

**فرمانِ مصطفيٰ** صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ: جنهن هن دُعا کي ٽي ڀيرا پڑهيو ڄڻ ان شبِ قدر کي حاصل ڪري ورتو. (1)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

[1]… تاريخ اِبْنِ عَسَاكِر، جلد:19، صفحه:155، حديث:4415ـ